
# تحفة الحجاج



بسم الله الرحمٰن الرحيم
نحمده ونصلي علیٰ رسوله الكريم

# تحفة الحجاج

## (حاجين لاءِ سوکڙي)

○

يا گو پهريون

○

جنهن ۾ حج ۽ عمره ۽ زيارتن جون سنڌي ترجمي
سان دعائون ۽ مختصر سمجهاڻي ڏنل آهي.

تصحيح:
حضرت علامه عبدالوحيد جان فاروقي سرهندي

○

ڇپائي في سبيل الله ورهائيندڙ:
سيد قمر الزمان شاه

# تحفة الحجاج

تصحيح ــــــ علامه عبد الوحيد جان فاروقي سرهندي

ڇپائي في سبيل الله ورهائيندڙ: الحاج سيد قمر الزمان شاهه

ايڊيشن ــــــ نئون: شوال المعظم ١٤١٢ھ/ مارچ ١٩٩٢ع

ڪتابت ــــــ فقير فيض محمد سڪندري يتافي

تعداد ــــــ هڪ هزار

هديه ــــــ عشق و محبت سان پڙهي دعاءِ خير سان نوازڻ.

ڇاپيندڙ ــــــ سيد واجد علي حسني

نيو گرين پرنٽرس - صدر

حيدر آباد - سنڌ

ملڻ جو هنڌ:

الحاج سيد قمر الزمان شاهه

بنگلو نمبر ٢٣٣، سي، لطيف آباد ٢، حيدر آباد

سنڌ.

حرم شريف ۾ طواف جي وقت پڙهو:

اَوَّل الله عَـلِيمُ، اَعـلىٰ عَـالَمَ جو ڌڻِي،
قَادِر پَنهنجِي قُدرت سِين، قَائِمُ آهي قَدِيمُ،
وَالِي وَاحِـد وَحـدَهٗ، رَازِق رَبّ رَحِيمُ،
سو سَاراهه سَچو ڌَڻِي، چَئِي حَـمدُ حَكِيمُ،
كري پاڻ كَرِيمُ، جو ڙُون جوڙ جَهان جُون.

◯

جيكي مَنجھ جَهان، سا سَڀ صِفت تُنهنِجي،
قَادِر تُنهنجي قُدرَت جا، مِــڙُوئِي مَكَان،
پَد مَن كان پَري ٿيا، تو آڳي جا اِحسَــان،
ظَاهِـر سَاڻ زبَــان، ڳِـڻِي ڳـڻيَان كـيترا.

◯

جيكي مَنجھ جَهان، سي سَڀ تارِي تَگهن تُنهنجي،
لُطف جي لطِيف چَئِي، تـو وَت كَمِي كَان،
عَدلاً چُٽان آنءُ . نَہ، كو قيرو كَج فضل جو.

◯

(شاهه لطيف رح)

تُون سَپَرُ آئُون سيڳرو، تُون ڏَاتَارُ آئُون ڏوھ،
تُون پَارس آئُون لوھ، جي سِڄي تہ سُون ٿِيَان.

جيڏو تُنھِنجو نَانءُ، ھَاجھ ٻہ اوڏِيَائِي مَڱَن،
رِي ٿنِيِن رِي ٿُوٺِيِن، تُون ڇپَرُ تُون ڇانءُ،
ڪُڇَاڙو ڪَھَان، توکي مَعلوم سَڀُ ڪَا.

الله جِيئن نَالوءِ، تِيئُن مُون وَڏو آسرو،
خَاوَند تُنھِنجي خَاندجو، پَرو پَاند نہ ڪوءِ،
نَالو رَبَّ سَندوءِ، رَھيو آھيم رُوحِ ۾.

آڏو ڇِڪَڻُ ڇَاڙھ، مُنھنجي مَوَج نہ سَھِي مَڪُڙي،
ميڙي مَداين جو، بيحَد ڇَاڙھيم بَارُ،
ڇَوَڻُ ڇَارو نامِ ڪو، بَدِيُون بي شُمَارُ،
اَڳيَان ڪَپَرُ ڪَارُونيَار، شَل اُڪَارِين اِحسَان سِيُن.

(شاہ لطيف رح)

## حاجين سڳورن لاءِ خصوصي نوٽ؛

حاجين سڳورن جي معلومات لاءِ اسان حج جا مختصر مسئلا هن ڪتاب ۾ لکيا آهن. براءِ مهرباني هن ڪتاب جو غور سان مطالعو ڪريو ۽ لکيل حج جي شرعي احڪامات تي پابندي ڪريو.

حج عبادت کان وڌيڪ صبر جو امتحان آهي، هتي جسم جون تڪليفون برداشت ڪري جسم جي زڪواة ادا ڪئي وڃي:

# حج ڪندڙن لاءِ ضروري هدايتون

سڀ کان اول اها نيت ڪري ته الله تعالىٰ کي راضي ڪرڻ لاءِ حج تو ڪريان. ماڻهن کي ڏيکارڻ يا رياءَ جو ارادو نه ڪري نفس ۽ شيطان جي دوکن کان پاڻ کي بچائي. حج لاءِ نڪري ته اهڙيءَ طرح نڪري، ڄڻ ته جهان کان الوداع ڪري رهيو آهي. سڀني گناهن کان سچي توبه ڪري. جيڪڏهن ڪنهن جو حق يا حساب رهيل آهي ته ان کي ادا ڪري. پر جيڪڏهن اهو مظلوم موجود نه آهي ته ان جي وارث يا وڪيل کي ڏئي ڇڏي. فرض ڪريو ڪو وڪيل يا وارث يا وَصِيُّ به ڪونه تو ملي ته پوءِ في سبيل الله انهن مظلومن جي نيت سان خيرات ڪري ته الله تعالىٰ انهن کي قيامت ۾ ان جو سهڻو اجر عطا ڪندو.

## هڪ ضروري ڳالهه

حج ڪندڙ تي واجب آهي ته پنهنجي اهل عيال ۽ جن

به هين جو هن تي خرچ آهي، انهن کي ايترو خرچ ڏئي وڃي جو سندس موٽي اچڻ تائين هنن لاءِ ڪافي رهي.

حج جي سفر دوران هيٺيان ڪتاب معلومات ۽ ورد وظائف لاءِ ضرور پاڻ سان کڻجن:-

① هداية الحج، حج جي مسئلن تي سنڌي ۾ مستند ڪتاب آهي
مصنف: حضرت سائين شاهه آغا سرهندي ٽنڊو سائينداد.

② دلائل الخيرات:- سنڌي ترجمي سان درود شريف جو عظيم مجموعو.
مترجم:- حضرت علامه عبدالوحيد سرهندي. ٽنڊو سائينداد.

③ برڪات الصلوٰة:- سنڌي ۾ درود پاڪ جو ڪامل مجموعو.
مصنف: فقير محمد اسمٰعيل نقشبندي مرحوم.
ڇپائيندڙ: سيد قمر الزمان شاهه، لطيف آباد ١١ حيدر آباد. سنڌ

④ قرآن شريف جو ترجمو: قرآن شريف جو سنڌي ۾ عام فهم ۽ تفسيري ترجمو. مترجم، حضرت علامه عبدالوحيد سرهندي.
ڇپائيندڙ: سيد قمرالزمان شاهه.

⑤ تحفة الحجاج:- حصو ٻيو، مدينه منوره وارو.
تصحيح ڪندڙ:- حضرت علامه عبدالوحيد سرهندي.
ڇپائيندڙ:- سيد قمر الزمان شاهه.

---

جيڪو شخص بالغ ۽ مسلمان پنهنجي ۽ اهل عيال جي ضروري خرچن کان پوءِ بيت الله شريف تائين اچڻ وڃڻ جي خرچ جي طاقت رکي ته تنهن تي

سڄي زندگيءَ ۾ هڪ ڀيرو حج ڪرڻ فرض آهي.

حج جا شرط هي آهن: ① مسلمان هجڻ ② بالغ هجڻ ③ احرام ٻڌڻ ④ حج جا حڪم پنهنجي سر پاڻ ادا ڪرڻ ⑤ احرام جي حالت ۾ منع ٿيل ڪمن ۽ شين کان پاسو ڪرڻ.

## حج جا مختصر ۽ آسان احڪامات

٨:- ذوالحج تي توهان حج جو احرام ٻڌو. احرام ٻڌڻ حج جو فرض آهي. اُن کان پوءِ حج جي نيت ڪريو. حج جي نيت هي آهي:- اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اُرِيْدُ الْحَجَّ فَيَسِّرْهُ لِيْ وَتَقَبَّلْهُ مِنِّيْ. ان کان پوءِ لبيڪ پڙهو. لبيڪ هي آهي: لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ، لَبَّيْكَ لَاشَرِيْكَ لَكَ لَبَّيْكَ اِنَّ الْحَمْدَ وَالنِّعْمَةَ لَكَ وَالْمُلْكَ لَاشَرِيْكَ لَكَ ط لبيڪ کان پوءِ درود شريف ڪثرت سان پڙهو. اُن کان پوءِ بهتر ائين ٿيندو ته حج جو فرض صَفَا مَرْوَهْ اڳواٽ ڊوڙي ڇڏيو. اُن کان پوءِ مِنىٰ روانا ٿيو ۽ مِنىٰ ۾ پهچي ٻيپهري ٽيپهري سانجهي ۽ سومهڻي نمازون قصر (فرض جي چئن رڪعتن بدران ٻه رڪعتون) ڪري پڙهو ۽ رات جو مِنىٰ ۾ رهو.

٩ :- ذوالحج منیٰ مان فجر نماز پڙهي عرفات لاءِ روانا ٿيو. عرفات تي پهچڻ حج جو فرض آهي، اهو سڄو ڏينهن عبادت ۽ رياضت ۾ گذاريو. عرفات ۾ ٻيپهريءَ ۽ ٽيپهري نماز ظهر جي وقت ۾ باجماعت ادا ڪريو. سج لهڻ کانپوءِ سانجهي نماز پڙهڻ کان سواءِ عرفات مان مُزدلفه لاءِ روانا ٿيو. سانجهي ۽ سومهڻي نماز عشاء جي وقت ۾ مُزدلفه ۾ باجماعت ٻئي نمازون گڏ ادا ڪريو ۽ رات مُزدلفه ۾ عبادت ۾ گذاريو ۽ مـــنیٰ ۾ شيطان کي پٿريون هڻڻ لاءِ مُزدلفه مان ۴۹ پٿريون چونڊي پاڻ سان گڏ کڻو.

١٠ :- ذوالحج مزدلفه ۾ فجر جي نماز اول وقت ۾ باجماعت ادا ڪري فورًا مِنیٰ واپس موٽي اچو. زوال کان اڳ ۾ وڏي شيطان کي ست پٿريون هڻو. اُن کان پوءِ قرباني ڪريو. اُن کان پوءِ مٿو ڪوڙايو يا وار ڪترايو ۽ عورتن کي گهرجي ته مٿي جا ٿورڙا وار ڪترائن. اُن کان پوءِ احرام لاهي رواجي ڪپڙا پايو. اُن کان پوءِ مَڪّهٔ مُڪَرَّمَهٔ وڃو ۽ طواف حج جو ادا ڪريو. جيڪڏهن ڪنهن مجبوري کان اهو طواف نٿا ڪري سگهو ته پوءِ مذڪوره طواف ١١ ۽ ١٢، ذوالحج تي

کھڻي بہ وقت اھو طواف ڪري سگھو ٿا. ان طواف کي طوافِ زيارة چيو ويو آهي ۽ اھو حج جو فرض آهي.

١١ :- ذوالحج مِنىٰ ۾ زوال کان پوءِ ٧-٧ پٿريون ٽنهي شيطانن کي هڻو- پيرسن (پوڙهن) ماڻهن ۽ عورتن ۽ بيمارن جي طرفان ٻيو ڪو به ماڻهو شيطانن کي پٿريون هڻي سگهي ٿو.

١٢ :- ذوالحج مِنىٰ ۾ زوال کان پوءِ ٧-٧ پٿريون ٽنهي شيطانن کي هڻو ۽ واپس اچي بيت الله شريف ۾ طواف وداع يعني موڪلائي وارو طواف ڪريو ۽ هي طواف مَڪَہ مُڪَرَّمَہ ۾ رهندڙ ماڻهن کان علاوه ٻين سڀني تي واجب آهي.

**ضروري وضاحت**:- حج جا مذڪوره سڀئي ڏينهن عبادت ۽ رياضت ۾ گذاريو. صلوٰة سڳوري ۽ ورد وظيفا ڪثرت سان پڙهو، پنهنجن ڪيل گناهن کان سچي دل سان توبه تائب ٿيو ۽ عزيزن قريبن ۽ سڀني مُسلمانن کي پنهنجن نيڪ دُعائن ۾ ياد ڪريو.

المحرر عبدالوحيد سرهندي عفي عنه
26-4-95 ٽنڊو سائينداد

مٿيان حج جا احڪامات: هدايه اولين، شرح وقايه ۽ ڪنزالدقائق تان نقل ڪيل آهن؛

هي ڪم حج جا واجب آهن: ① ٩ تاريخ عرفات جي ميدان ۾ ظهر ۽ عصر ٻئي نمازون گڏي ٻه ٻه رڪعتون

سفر ۾ جماعت سان پڙهڻ (۴) نائين تاريخ جي شام (ڏهين جي رات) مزدلفه ۾ رهڻ. (۳) سانجهي ۽ سومهڻيءَ جي نماز گڏي مزدلفي ۾ پڙهڻ. مزدلفي ۾ ڪهڙي به وقت پهچي پر باک ڦٽڻ کان پوءِ سج اڀرڻ کان اڳ وارو وقت مزدلفي ۾ حاضر هجڻ. (۴) صفا ۽ مروه جي وچ ۾ ڊوڙڻ. (۵) ذوالحج جي ۱۰، ۱۱ ۽ ۱۲ تاريخ تي ڏينهن شيطانن کي پٿريون هڻڻ. (۵) قرباني ڪرڻ. (۶) مٿي جا وار ڪوڙائڻ يا ڪترائڻ پر صرف چيچ وٽڻ ڪافي ناهي. جيڪڏهن ڪو به حنفي رڳو چيچ وٽرائيندو ته سندس احرام نه کلندو، ان ڪري ان ڳالهه جو سخت خيال ڪرڻ گهرجي. (۷) آفاقي يعني پاڪستان کان اچڻ واري لاءِ طواف وداع جو ڪرڻ. (۸) ميقات کان بغير احرام جي نه لنگهڻ. ميقات يعني شرعي مقرر حد جتان بنا احرام جي اڳتي هلڻ منع آهي.

**ميقات:** يلملم پهاڙي. پاڪستانين لاءِ احرام ٻڌڻ جي جاءِ آهي جيڪا هوائي جهاز ۾ واٽ تي اچي ٿي. تنهنڪري هوائي جهاز ۾ سفر ڪندڙن کي گهرجي ته احرام ٻڌي پوءِ سفر لاءِ جهاز ۾ سوار ٿين.

# احرام

احرام جي معنیٰ آهي حرام ڪرڻ. احرام جي ڪري ڪي حلال ڪم ۽ حلال شيون احرام واري تي حرام ٿي وينديون آهن، ان ڪري ان کي احرام سڏيون ويندو آهي.

احرام ٻڌڻ جي لحاظ سان حاجيءَ جا ٽي قسم آهن:

① قارِنُ: معنیٰ گڏيندڙ. ميقات کان حج ۽ عمره جو احرام گڏي ٻڌي اول عمرو ڪري، پوءِ احرام ۾ رهي ۽ احرام سان حج ڪري.

② مُتَمَتِّعُ: معنیٰ نفعو وٺندڙ. اول عمره جو احرام ٻڌي عمرو ڪري، پوءِ اٺين تاريخ ذوالحج جي مڪه مڪرمه کان حج جو احرام ٻڌي حج ادا ڪري.

③ مُفْرَدُ: معنیٰ اڪيلو. صرف حج جو احرام ٻڌي عمري جو نه ٻڌي.

## احرام ۾ منع ڪيل ڪم

سِبيل ڪپڙا پائڻ، اهڙو چپل پائڻ جنهن

سان پير جي پُٺيءَ واري هڏي ڍڪبي وڃي، مٿي کي يا منهن کي ڍڪڻ، خوشبوءِ لڳائڻ، خوشبوءِ دار ڪپڙو پائڻ، وار ڪترڻ، ننهن لاهڻ ۽ ڪنهن سان جهيڙو جهڳڙو ڪرڻ، جُوئن ٽپڻ، شڪار ڪرڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ گهر واريءَ سان همبستري ڪرڻ.

## احرام ۾ جائز ڪم

وهنجڻ، جاءِ يا ڇٽيءَ جي ڇانوَ ۾ ويهڻ، پڳل ننهن ڇنڻ، آئينو ڏسڻ، ڪپڙا پليد ٿي پون ته انهن کي پاڪ ڪرڻ، هميانيءَ ٻڌڻ، هٿيار ڪڻڻ، مٿي ۽ منهن کان سواءِ باقي بدن کي اڻ سبيل ڪپڙي سان ڍڪڻ، ٽانوَ يا ڪَتَ مٿي تي ڪڻڻ ۽ ايذائيندڙ جانور مثلاً نانگ بلا ۽ وڇون کي مارڻ.

## احرام ۾ مڪروھ ڪم

احرام جي چادر کي ڳنڍيون ڏيڻ يا سُئيءَ ڌاڳي سان ڳنڍڻ، نڪ کي ڪپڙي سان ڍڪي رکڻ، مٿي يا ڏاڙهيءَ کي ڦڻي ڏيڻ جيئن وار ڇڻي پون ۽ خوشبوءِ دار صابڻ سان بدن ڌوئڻ.

# احرام ڪان پوءِ خاص ڪمن جي سمجهاڻي:

**تلبيه:**

معنيٰ لبيڪ پڙهڻ. احرام ٻڌڻ ڪان پوءِ ۳, دفعا پڙهي:

**لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ لَبَّيْكَ لَاشَرِيْكَ**

حاضر آهيان اي الله! حاضر آهيان حاضر آهيان ڪو شريڪ نه آهي

**لَكَ لَبَّيْكَ اِنَّ الْحَمْدَ وَالنِّعْمَةَ**

تنهنجو. حاضر آهيان. تحقيق سڀ ساراهه ۽ نعمت تنهنجي لاءِ

**لَكَ وَالْمُلْكَ لَاشَرِيْكَ لَكَ ط**

آهي ۽ بادشاهي ناهي ڪو به شريڪ تنهنجو.

پوءِ درود شريف پڙهي.

## سمجهاڻي

احرام ڪان پوءِ جو لبيڪ پڙهڻ شروع ڪري، پوءِ اٿندي ويهندي، جاڳندي يا سمهندي، سواريءَ ڪان لهندي يا چڙهندي، ڪنهن مٿانهين تي چڙهندي يا ڪنهن هيٺانهين تي لهندي لبيڪ پڙهندو رهي. اگر

احرام عمري جو اُنس ته بيت الله شريف وٽ پهچي.
جڏهن حجرِ اسود کي چمي ڏي يا هجوم جي ڪري پري
کان مٿ ڪنن تائين کڻي اَللهُ اَکْبَرُ چئي ته لبيڪ پڙهڻ
بند ڪري. جيڪڏهن حج جو احرام ٻڌو اٿس ته لبيڪ
پڙهندو رهي، تان جو منىٰ ۾ پهرين پٿري هڻڻ شرط بند
ڪري. جيڪڏهن ڪنهن عذر جي ڪري ذوالحج جي
ڏهين تاريخ پٿريون نه هڻي سگهي ته سج لهڻ شرط لبيڪ
پڙهڻ بند ڪري.

# طواف

بيت الله شريف جي چوڌاري ڦرڻ کي "طواف" چيو
ويندو آهي. طواف شروع ڪرڻ وقت حجرِاسود جي
سامهون جيڪو پٿر جو ليڪو آهي ان وٽ بيهي
بِسْمِ اللهِ اَللهُ اَکْبَرُ ٽي دفعا چئي طواف شروع
ڪري.

## طواف جا قسم

① قدوم جو طواف: ميقات کان ٻاهر رهندڙ کو به شخص جڏهن مکه معظمه ۾ داخل ٿئي ته اهو بيت الله شريف جو طواف ڪري.

② زيارت جو طواف: هي حج جي ٽن رُڪنن مان هڪ آهي.

③ وداع يا صدر جو طواف: معنیٰ موڪلائڻ يا موٽڻ جو طواف، آفاقيءَ تي مکه مکرمه کان ٻاهر نڪرڻ وقت اهو طواف واجب آهي.

## طواف جا شرط

طواف جا شرط ٻه آهن: ① نيت ڪرڻ ② مسجد حرام يعني بيت الله شريف واري مسجد جي اندر طواف ڪرڻ، يعني ست چڪر ڏيڻ.

## رَمَلُ

رمل معنیٰ ڪلها لوڏي بهادرن وانگر هلڻ. جنهن به طواف کان پوءِ صفا ۽ مروه ڊوڙڻو آهي، ان جي پهرين

ٽن چڪرن ۾ رمل ڪرڻو آهي. ستن ئي چڪرن ۾ رمل نه ڪيو ويندو.

## اضطباع

احرام جي ڪلهي واري چادر کي سڄي بغل جي هيٺان آڻي کٻي ڪلهي تي رکڻ کي اضطباع چيو ويندو آهي.

### تنبيه:

اڪثر حاجي سڄو احرام ٻڌڻ شرط ڪلهو اگھاڙو ڪندا آهن ۽ نماز ۾ به ڪلهو اگھاڙو رکندا آهن، اها غلطي آهي ۽ ڪلهي اگھاڙي رکڻ جي ڪري نماز به مڪروه ٿيندي. ان ڪري سمجهي قدم کڻڻ گهرجي.

## طواف جا واجب

پاڪائي ڪرڻ، اوگهڙ ڍڪڻ، ڪو عذر نه آهي ته پيادل طواف ڪرڻ، حطيم شريف کان ٻاهران طواف ڪرڻ ڇو ته اهو به بيت الله جو حصو آهي. ست چڪر طواف ڪرڻ، ٻه رڪعتون نماز واجب الطواف پڙهڻ

بهتر آهي ته مقام ابراهيم (عَلَيهِ الصَّلوٰةُ والسَّلام) وٽ پڙهي. نه ته جنهن جاءِ تي به حرم پاڪ (مسجد الحرام) ۾ موقعو ملي پڙهي وٺي. انهن واجبن مان جيڪڏهن هڪ واجب به رهجي ويو ته طواف ورائي ڪري.

**حطيم:** حطيم شريف ان حصي جو نالو آهي، جنهن کي بيت الله جي پاسي ۾ ننڍي ڀت ڏنل آهي. حطيم پهرين بيت الله شريف جو حصو هو، پوءِ ان کي ٻاهر ڪيو ويو، جيئن بيت الله خوبصورت لڳي.

**سعي:** سعي جي معنىٰ آهي ڊوڙڻ. هتي مراد آهي صفا ۽ مروه جي وچ ۾ هلڻ ۽ ڊوڙڻ.

## سعي جا شرط

سعي جا شرط هي آهن: ① حج يا عمره جي نيت سان احرام ٻڌڻ* ② پنهنجي سر پاڻ ڊوڙڻ ۽ ڪنهن کي نائب نه بنائي. ③ طواف کان پوءِ سعي ڪرڻ. ④ صفا کان شروع ۽ مروه تي پورو ڪرڻ.

---

* جيڪڏهن طواف زيارت کان پوءِ سعي ڪرڻ وارن کي احرام نه هوندو

## سعي جا واجب

① پيادل سعي ڪرڻ. ② اول پاڪائيءَ سان طواف ڪيل هجي. ③ پورا ستَ چڪر لڳائڻ. ④ صفا ۽ مروه جي وچ وارو سڄو مفاصلو طئي ڪرڻ. ⑤ عمره جي سعي ۾ آخر تائين احرام سان رهڻ.

## اهم مقامات جي سمجهاڻي

**ميلين اخضرين:** ٻه ساوا ٿنڀ (جتي سايون بتيون لڳل آهن) صفا کان مروه ڏي هلندي هڪ ساوو ٿنڀ ايندو جنهن کان ٻئي ٿنڀ تائين حاجيءَ کي ڊوڙڻو آهي. انهن ٻنهي ٿنڀن کي ميلين اخضرين سڏيو ويندو آهي؛ جو جو بي بي حاجره انهي ٽڪري ۾ تيز ڊوڙي هئي پر زالون نه ڊوڙن.

**حجر اسود:** بيت الله جي دروازه جي پر ۾ هڪ ڪاري رنگ جو پٿر جنهن کان طواف شروع ڪبو آهي.

**رڪن يماني:** بيت الله جي ٻي ڪنڊ ۾ لڳل پٿر جنهن جو منهن يمن ڏانهن آهي، رسول اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن بيت الله جو طواف ڪندي ڪڏهن ڪڏهن هڪ يا ٻئي هٿ مبارڪ ان کي لڳائيندا هئا.

**ملتزم؛** حجر اسود ۽ بيت الله شريف جي دروازي جي وچ واري ديوار.

**ميزاب رحمت؛**

مي بيت الله شريف جي ڇت وارو نيسارو، جيڪو حطيم واري پاسي کان آهي، جنهن مان مينهن جو پاڻي هيٺ لهندو آهي، دعا قبول پوڻ جي خاص جاءِ آهي.

**مقام ابراهيم (عليه الصلوٰة والسلام)؛**

اهو پٿر جنهن تي ڪعبة الله شريف جي تعمير ڪندي حضرت ابراهيم عليه الصلوٰة والسلام جن پير رکيا هئا ۽ اڄان تائين انهن پيرن مبارڪن جا نشان پٿر تي موجود آهن.

**زمزم؛**

حضرت اسماعيل عليه السلام جي پيرن واري جاءِ تان نڪتل چشمي واري پاڻي جو نالو زمزم آهي. حديث شريف ۾ آيو آهي ته جنهن به ارادي سان زمزم جو پاڻي پيتو ويندو ته اهو ڪم ٿي ويندو.

# حج ڪرڻ جو طريقو

جڏهن حاجي سڳورو ميقات يعني احرام ٻڌڻ واري جاءِ تي پهچي ته غسل يا وضو ڪري. احرام جي ٻن چادرن مان هڪ ڳوڍ ٻڌي ۽ هڪ بدن کي ويڙهي. ٻه رڪعتون نفل پڙهي پر نفل پڙهڻ وقت مٿو ڍڪيل هجي ۽ پهرين رڪعت ۾ سورة فاتحه يعني اَلْحَمْدُ کان پوءِ قُلْ يَا اَيُّهَا الْكَافِرُوْنَ ۽ ٻي رڪعت ۾ اَلْحَمْدُ کان پوءِ قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ پڙهي. نفل پورو ڪري سلام وراڻي. سلام وراڻڻ شرط مٿو اگهاڙو ڪري. جيڪڏهن هن صرف حج جو احرام ٻڌو آهي ته هن طرح نيت ڪري:

اَللّٰهُمَّ اِنِّىْ اُرِيْدُ الْحَجَّ فَيَسِّرْهُ

اي الله! تحقيق مان ارادو ٿو ڪريان حج جو پوءِ اهو آسان بڻاءِ

لِىْ وَتَقَبَّلْهُ مِنِّىْ ط

منهنجي لاءِ ۽ ان کي قبول فرماءِ مون کان.

جيڪڏهن حج ۽ عمره جو احرام گڏي ٻڌي ته هن طرح نيت ڪندو؛

**اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اُرِيْدُ الْحَجَّ وَ الْعُمْرَةَ**

اي الله! تحقيق مان ارادو ٿو ڪريان حج ۽ عمره جو

**فَيَسِّرْهُمَا لِيْ وَتَقَبَّلْهُمَا مِنِّيْ ط**

پوءِ ٻئي مون لاءِ آسان ڪر ۽ ٻئي مون کان قبول فرماءِ

جيڪڏهن صرف عمره جو احرام ٻڌي ته هن طرح نيّت ڪندو؛

**اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اُرِيْدُ الْعُمْرَةَ فَيَسِّرْهَا لِيْ وَتَقَبَّلْهَا مِنِّيْ ط**

اي الله! تحقيق مان عمره جو ارادو ٿو ڪريان پوءِ ان کي آسان ڪر منهنجي لاءِ ۽ ان کي قبول فرماءِ مون کان.

ان کان پوءِ ٽي دفعا لبيڪ پڙهي. مرد بلند آواز سان پڙهي ۽ عورت آهستي پڙهي جو آواز مرد جي ڪن

تي ڏنو پوي. لبيڪ پڙهڻ کان پوءِ درود شريف پڙهي. مڪه شريف
۾ داخل ٿيڻ کان اڳ بهتر آهي
ته غسل ڪري، نه ته وضو ضرور ڪري. مسجد
الحرام يعني بيت الله واري مسجد ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ
قدوم جو طواف ڪري.

## طواف جي نيت

اَللّٰهُمَّ اِنِّىْ اُرِيْدُ طَوَافَ بَيْتِكَ

اي الله! تحقيق مان ارادو ٿو ڪريان تنهنجي گهر جي طواف جو

الْحَرَامِ فَيَسِّرْهُ لِىْ وَتَقَبَّلْهُ مِنِّىْ

(جو) عزت وارو آهي. پوءِ اهو آسان ڪر مون لاءِ منهنجي طرفان قبول ڪر.

سَبْعَةَ اَشْوَاطٍ لِلّٰهِ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى

ست دفعا خالص الله تبارڪ وتعالىٰ جي لاءِ

ان کان پوءِ: بِسْمِ اللّٰهِ اَللّٰهُ اَكْبَرُ وَلِلّٰهِ

شروع ڪريان ٿو الله جي نالي سان. الله سڀ کان وڏو آهي ۽ الله لاءِ ئي سڀ

# الحَمۡدُ ۬

## سارام آهي.

ٻي دفعا چئي ڪري (ڪنن تائين هٿ ڪٽي) اهو چئي طواف شروع ڪري. جيڪڏهن ان طواف کان پوءِ صفا ۽ مروه جي وچ ۾ ڊوڙڻو به آهي ته پهرين ٽن چڪرن ۾ رمل ۽ اضطباع ڪندو. طواف جي ستن ئي چڪرن کي پورو ڪري مقامِ ابراهيم (عليه الصّلوٰة والسّلام) ڏي اچي ٻه رڪعتون واجب الطواف پڙهندو. مقامِ ابراهيم (عليه السّلام) وٽ جيڪڏهن ماڻهن جي هجوم سبب جاءِ نه هجي ته سڄي مسجد الحرام ۾ جتي به جاءِ ملي، اتي ٻه رڪعتون پڙهي، پوءِ مُلتزِم کي چنبڙي دُعا گهُري. پوءِ زمزم جي کوهه تي اچي ڪعبة الله شريف ڏانهن منهن ڪري زمزم جو پاڻي پئي. وچ ۾ ٽي دفعا وقفو ڪري ۽ پلو آهي ته زمزم شريف بيهي پئي. جيڪڏهن مفرد آهي يعني صرف حج جو احرام ٻڌو اٿس ته ان لاءِ بهتر آهي ته حج جي آخري رڪن زيارت جي طواف کان پوءِ صفا ۽ مروه جي وچ ۾ ڊوڙي. پر ان وقت ئي

ٻوڙي ڇڏي ته ٻه جائز آهي. اٺين تاريخ ذوالحج جي صبح
جو سوير تيار ٿي منيٰ ڏانهن اهڙي وقت تي روانو ٿئي
جو ٻپهري جي نماز مستحب وقت ۾ منيٰ ۾ وڃي
پڙهي. رات مني ۾ رهي پنج نمازون يعني ٻپهري
ٽپهري، سانجهي، سومهڻي ۽ فجر منيٰ ۾ ادا ڪري
صبح جو سج اڀرڻ کان پوءِ عرفات ڏي روانو ٿئي. سج
اڀرڻ کان اڳ ۾ عرفات ڏي وڃڻ سنت جي خلاف آهي
نائين تاريخ جي زوال (يعني سج لڙڻ) کان وٺي ڏهين
تاريخ جي ٻاڪ ڦٽڻ تائين وقوف عرفه جو
وقت آهي. ان وقت جي اندر ڪجھ نه ڪجھ وقت
عرفات ۾ حاضر رهيو ته ان اهو فرض ادا ڪيو. عرفات
جي حاضري حج جي ٽنهي فرضن ۾ اهم فرض آهي
عرفات جي مسجد نمره ۾ ٻپهري ۽ ٽپهري نماز امام
جي پٺيان گڏي پڙهي ۽ خطبه ٻڌي. اهو نمازن جو گڏڻ
۽ خطبه جو ٻڌڻ سنت آهي. نائين تاريخ جي سج لهڻ
سان توب لڳندي آهي. وقت جو بادشاهه يا ان جو نائب
مزدلفي ڏي روانو ٿيندو، ٻيا حاجي به مزدلفي ڏي هلڻ لاءِ
تيار هوندا ۽ سفر شروع ٿي ويندو. سانجهيءَ جي نماز

عرفات يا رستي ۾ نہ پڙھي. مزدلفي ۾ پھچي سانجھي ۽ سومھڻي نماز گڏ پڙھندو، سانجھيءَ جي فرض پڙھڻ شرط سومھڻيءَ جو فرض شروع ڪندو، وچ ۾ سنتون يا نفل نہ پڙھندو، انھن ٻنهي نمازن جو مزدلفي ۾ گڏي پڙھڻ واجب آھي. جماعت سان پڙھڻ تہ بھتر آھي نہ تہ اڪيلو بہ گڏي پڙھندو. اھا سانجھيءَ جي نماز قضا نہ چئبي بلڪ ادا سمجھي ويندي.

## مسئلو:

مزدلفي ۾ رات رھي فجر جي نماز اول وقت ۾ پڙھي ستر پٿريون وٺي جيڪي چڻي جيتريون چونڊي ڌوئي صاف ڪري ڪٺي منیٰ ۾ وڏي شيطان کي ست پٿريون ھڻندو پٿري اشھد آگر ۽ آڱوٺي جي چوٽيءَ سان جھلي ھڻندو. جمرة العقبة اھو شيطان وارو ٿنڀ آھي، جيڪو مڪہ پاسي کان منیٰ ۾ ھلندي پھريان ايندو آھي. جيڪڏھن قِران يا تمتع جو احرام ٻڌل اٿس تہ پھريان قرباني ڪري پوءِ مٿي جا وار ڪوڙائي يا ڪترائي. پر جيڪڏھن مُفرِدُ

آهي يعني صرف حج جو احرام ٻڌل اٿس ته ان تي قرباني

واجب نه آهي. ڪري ته سٺو ڪم آهي، درجو ملندس.

## مسئلو:

مٽي جي لهرائڻ سان احرام کُلي ويندو. هاڻي احرام دوران منع ڪيل ڪم ڪري سگهي ٿو. پر گهر واري سان گڏ ٿيڻ يا ڪيس چمي يا پيار ڪري پائڻ اجان به منع آهي جيستائين زيارت جو طواف ڪري.

## مسئلو:

عورت احرام جي کولڻ لاءِ مٿي جي وارن مان آڱر جي چوٿين جيترو حصو ڪترائيندي. عورت لاءِ مٿو ڪوڙائڻ حرام آهي. بهتر آهي ته احرام کولڻ کان پوءِ ڏهين تاريخ جي ڏينهن زيارت جو طواف ڪري اچي ته حج جا ٽيئي فرض مڪمل ٿي وڃن. جيڪڏهن ڏهين تاريخ زيارت جو طواف نه ڪري سگهي ته پوءِ

يارهين يا ٻارهين تاريخ جي سج لهڻ کان اڳ ۾ ڪري اچي.

## مسئلو:

جيڪڏهن قدوم جي طواف کان پوءِ سعي يعني صفا مروه نه ڊوڙيو آهي ته زيارت جي طواف جي پهرين ٽن چڪرن ۾ رمل ڪري پوءِ ٻه رڪعتون نماز واجب الطواف مقام ابراهيم (عليه الصلواة والسّلام) وٽ پڙهي موٽي حجر اسود کي چمي. پوءِ صفا جي پهاڙيءَ کان سعي شروع ڪري، سعي پوري ڪري منىٰ ۾ موٽي اچي. يارهين ۽ ٻارهين جي ڏينهن زوال کان پوءِ ٽنهي جمرن کي ست ست پٿريون هڻي. اهي پهرين جمره يعني منىٰ کان مڪي پاڪ ڏانهن ايندي جيڪو اول اچي ان کان شروعات ڪري ۽ آخري کي هڻي پاسي تي بيهي بيت الله ڏانهن منهن ڪري دعا گهري موٽندو.

## مسئلو:

ٻارهين جي ڏينهن پٿريون هڻي سج لهڻ کان اڳ ۾

مکي مکرمه ۾ موٽي ايندو. جي ٻارهين ذوالحجه ڏينهن منیٰ ۾ گذري ويو ۽ تيرهين جي رات اتي ٿي ويئي ته تيرهين جي ڏينهن پٿريون هڻي پوءِ مکه پاڪ ۾ ايندو ۽ مکه مکرمه ۾ جيڪي ڏينهن رهي ادب، سڪ ۽ محبت سان طواف ۽ عمرو ڪندو رهي. جڏهن مکي پاڪ مان روانگيءَ جو وقت اچي ته موڪلائي جو طواف ڪري. هيءُ طواف واجب آهي. طواف کان پوءِ ٻه رڪعتون واجب الطواف پڙهي. زمزم شريف پيٽ ڀري پيئي، الله تعالیٰ جو شڪر ادا ڪري ملتزم کي چنبڙي روئي دُعا گهري ۽ گناهن جي معافي گهُري.

## عمره ڪرڻ جو طريقو

عمره ادا ڪرڻ جو سولو طريقو آهي. پر صفا مروه ڪري مٿو ڪوڙائي يا سڄو ڪترائي احرام کولي ۽ الله تعالیٰ جو شڪر ادا ڪندو.

# حج ۽ عمره جي سفر جون دعائون

جڏهن حج يا عمره ڪرڻ وارو گهران نڪري
ته اول ٻه رڪعتون نفل پڙهي پوءِ هي دعا پڙهي:

اَللّٰهُمَّ بِكَ انْتَشَرْتُ وَاِلَيْكَ تَوَجَّهْتُ

اي الله! تنهنجي لاءِ گهر کان جدا ٿيس ۽ تو ڏانهن توجهه ڪيو مون

وَبِكَ اعْتَصَمْتُ وَعَلَيْكَ تَوَكَّلْتُ ط

۽ تنهنجو سهارو ورتم ۽ توتي توڪل ڪيم.

اَللّٰهُمَّ اَنْتَ ثِقَتِيْ وَاَنْتَ رَجَائِيْ ط اَللّٰهُمَّ

اي الله! تون منهنجو سهارو آهين ۽ تون (ئي) منهنجي اميد آهين. اي الله!

اكْفِنِيْ مَا اَهَمَّنِيْ وَمَا لَا اَهْتَمُّ بِهٖ

ڪافي ٿي تون مون کي ان ڳالهه کان جيڪا مون کي مشڪل لڳي ۽ جيڪا مشڪل نه

وَمَا اَنْتَ اَعْلَمُ بِهٖ مِنِّيْ ط عَزَّ جَارُكَ

لڳي ۽ جنهن جو تون وڌيڪ ڄاڻندڙ آهين مون کان. تنهنجي پناهه ۾ ايندڙ

وَلَا اِلٰهَ غَيْرُكَ ط اَللّٰهُمَّ زَوِّدْنِي

غالب آهي ۽ ناهي ڪو ٻيو معبود سواءِ تنهنجي. اي الله! مون کي تقوىٰ زاد

التَّقْوٰى وَاغْفِرْلِي ذُنُوْبِي وَوَجِّهْنِي

راهه ڏي ۽ معاف فرماءِ منهنجا گناهه ۽ مون کي خير جي

اِلَى الْخَيْرِ اَيْنَمَا تَوَجَّهْتُ اَللّٰهُمَّ

وات ڏيکار جيڏانهن به مان وڃان. اي الله!

اِنِّي اَعُوْذُبِكَ مِنْ وَّعْثَاءِ السَّفَرِ

بيشڪ مان پناهه ٿو وٺان توسان سفر جي سختيءَ کان

وَكَاٰبَةِ الْمُنْقَلَبِ وَالْحَوْرِ بَعْدَ

۽ موٽڻ جي تڪليف کان ۽ مصيبت کان جيڪا

الْكَوْرِ وَسُوْءِ الْمَنْظَرِ فِي

خوشيءَ کان پوءِ اچي ۽ اهل ۽ مال

الْاَهْلِ وَالْمَالِ

کي هر حال ۾ ڏسڻ کان.

## گهر جي دروازي کان نڪرندي هي دعا پڙهي؛

بِسۡمِ اللّٰهِ وَلَا حَوۡلَ وَلَا قُوَّةَ

شروع ٿو ڪريان الله جي نالي سان ۽ نه آهي قرب (گناهن کان) ۽ نه آهي طاقت (نيڪي جي)

اِلَّا بِاللّٰهِ الۡعَلِيِّ الۡعَظِيۡمِ ط تَوَكَّلۡتُ

مگر الله بلند شان واري وڏي جي (مدد سان) توڪل ڪيم

عَلَى اللّٰهِ اَللّٰهُمَّ وَفِّقۡنِيۡ لِمَا تُحِبُّ

مون الله تي ۰ اي الله! توفيق ڏي مون کي ان ڪم جي جنهن کي تون

وَتَرۡضٰى وَاحۡفَظۡنِيۡ مِنَ الشَّيۡطَانِ

پسند ڪرين ۽ جنهن کان تون راضي ٿين ۽ بچاءِ مون کي شيطان

الرَّجِيۡمِ

ترڙيل کان.

## گهر کان ٻاهر نڪري ته هي دعا پڙهي؛

اَللّٰهُمَّ اِنِّیْ اَعُوْذُبِكَ مِنْ اَنْ اَضِلَّ

اي الله ! مان پناهه توونان تنهنجي، گمراهه ٿيڻ کان يا ھن کان تہ

اَوْاُضَلَّ اَوْ اَظْلِمَ اَوْ اُظْلَمَ اَوْ اَجْهَلَ

گمراهه بڻايو وڃان يا ظلم ڪريان يا ظلم ڪيو وڃان يا بيوقوف ٿيان

اَوْ یُجْهَلَ عَلَیَّ بِسْمِ اللّٰهِ تَوَكَّلْتُ

يا بيوقوف بڻايو وڃان الله جي نالي سان شروع ٿو ڪريان توڪل ڪيئي

عَلَى اللّٰهِ لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ

مون الله تعاليٰ تي ناهي قدرت گناهن کان ۽ ناهي طاقت نيڪي جي مگر

الْعَلِیِّ الْعَظِیْمِ ط اَللّٰهُمَّ وَفِّقْنِیْ لِمَا

الله جي مدد سان جيڪو بلند ۽ وڏي شان وارو آهي. اي الله ! مون کي توفيق ڏي ان

تُحِبُّ وَتَرْضٰى وَاعْصِمْنِیْ مِنَ الشَّیْطَانِ

ڪم جي جنهن سان تون محبت ڪرين ۽ راضي ٿين ۽ بچاءِ تون مون کي

الرَّجِیْمِ ط

تڙيل شيطان کان.

## ماڻهن کان موڪلائيندي هي دعا پڙهي:

أَسْتَوْدِعُ اللّٰهَ دِيْنَكُمْ وَإِيْمَانَكُمْ وَخَوَاتِيْمَ

الله تعاليٰ جي پناه ۾ تو رکان اوهان جي دين ۽ ايمان ۽ عملن

أَعْمَالِكُمْ ط

جي خاتمي کي.

## بحري جهاز ۾ سفر ڪري ته هي دعا پڙهي:

بِسْمِ اللّٰهِ وَمَا قَدَرُوا اللّٰهَ حَقَّ قَدْرِهٖ ط

شروع تو ڪريان الله جي نالي سان ۽ نه قدر ڪيائون الله جو جيترو قدر ڪرڻ ان جو حق

وَالْأَرْضُ جَمِيْعًا قَبْضَتُهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ط

آهي ۽ زمين سموري ان جي قبضي ۾ آهي قيامت جي ڏينهن

وَالسَّمٰوٰتُ مَطْوِيّٰتٌ بِيَمِيْنِهٖ سُبْحَانَهٗ

۽ آسمان ويڙهيل آهن ان جي سڄي هٿ ۾ ان جي پاڪائي

وَتَعَالَىٰ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ○ بِسْمِ اللهِ

آهي ۽ امو وڏي شان وارو آهي انهن کان جيڪي ان سان شريڪ ٺاهن.

مَجْرِيهَا وَمُرْسٰهَا اِنَّ رَبِّيْ لَغَفُوْرٌ

الله جي نالي سان ان جو هلڻ ۽ بيهڻ آهي، تحقيق منهنجو پالڻهار وڏو

رَّحِيْمٌ ○

بخشڻهار ۽ مهربان آهي.

بيءَ ڪنهن سواريءَ تي سوار ٿيندي هي دعا پڙهي:

بِسْمِ اللهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِىْ هَدٰنَا

شروع ٿو ڪريان الله جي نالي سان ۽ سڀ ساراهه ثابت آهي الله لاءِ جنهن اسان کي

لِلْاِسْلَامِ وَعَلَّمَنَا الْقُرْاٰنَ وَمَنَّ عَلَيْنَا

اسلام لاءِ هدايت ڏني ۽ اسان کي قرآن سيکاريو ۽ ٿورو ڪيائين اسان تي

بِاَرْسَالِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

اسان جي سردار حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي موڪلڻ سان

الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِىْ جَعَلَنِىْ فِىْ خَيْرِ اُمَّةٍ

سڀ ساراهه الله جي لاءِ آهي جنهن اسان کي ڀلي امت ۾ داخل فرمايو

اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ ط وَمَا كُنَّا لَهٗ مُقْرِنِيْنَ ○

جيڪا ماڻهن جي هدايت لاءِ وجود ۾ آيل آهي ۽ نه هئاسين اسين ان تي قابو ڪندڙ

وَاِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا لَمُنْقَلِبُوْنَ ○ وَالْحَمْدُ

۽ بيشڪ اسان کي پنهنجي رب ڏانهن موٽڻو آهي . ۽ سڀ ساراهه

لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ○

الله جهانن جي پالڻهار لاءِ ثابت آهي.

## هڪ ضروري سمجهاڻي

ميقات تي پهچي احرام جي تياري ڪجي. پاڪستان وارن جي لاءِ يلملم ميقات آهي. بحري جهاز ۾ سفر ڪندڙ کي يلملم جي ويجهو ٻڌايو ويندو آهي ته احرام ٻڌي ۽ هوائي جهاز تي سفر ڪندڙ ايئرپورٽ کان ئي احرام ٻڌي نڪري.

## مسئلو؛

عورت جو احرام اهيئي جسم ني ڍڪيل ڪپڙا آهن. احرام واري عورت جي منهن تي ڪپڙو ونڀي ۽ منهن کليل رهي. مٿي تي اهڙي طرح ڪپڙو ٻڌي جو مٿي جا وار بلڪل نظر نه اچن

## احرام ٻڌڻ جو طريقو

غسل يا صرف وضو ڪري ٻه رڪعتون نفل شروع ڪري. پهرين رڪعت ۾ اَلْحَمْدُ کان پوءِ قُلْ يَآ اَيُّهَا الْكَافِرُوْنَ ۽ ٻي رڪعت ۾ اَلْحَمْدُ کان پوءِ قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ شريف پڙهي. نفل پورو ڪري سلام ڦيرائي ئي پيرا لَبَّيْكَ پڙهي. لبيڪ پڙهڻ کان پوءِ جيڪو به ارادو هوندس يعني صرف حج جو يا صرف عمره جو يا حج ۽ عمره ٻنهي جو ته اها نيت ڪري نيت جا الفاظ اڳ لکجي چڪا آهن. پر ڪن بزرگن ڪجھ الفاظ وڌايا آهن، جيڪي هن طرح آهن؛

## حج جي نيت: اَللّٰهُمَّ اِنِّىْ اُرِيْدُ الْحَجَّ

اي الله ! تحقيق مان حج جو ارادو ڪريان ٿو پوءِ اهو آسان

## فَيَسِّرْهُ لِىْ وَتَقَبَّلْهُ مِنِّىْ وَاَعِنِّىْ

ڪر منهنجي لاءِ ۽ اهو قبول فرماءِ مون کان ۽ ان جي اداڪرڻ ۾ منهنجي

## عَلَيْهِ وَبَارِكْ لِىْ فِيْهِ ، نَوَيْتُ الْحَجَّ

مدد ڪر ۽ ان ۾ منهنجي لاءِ برڪت فرماءِ . نيت ڪيم حج جي ۽ احرام ٻڌو

## وَاَحْرَمْتُ بِهٖ لِلّٰهِ تَعَالٰى.

مون ان جو خاص الله جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ .

## عمره جي نيت: اَللّٰهُمَّ اِنِّىْ اُرِيْدُ

اي الله ! تحقيق مان ارادو ڪريان ٿو عمره جو پوءِ ان کي

## الْعُمْرَةَ فَيَسِّرْهَا لِىْ وَتَقَبَّلْهَا مِنِّىْ

آسان ڪر منهنجي لاءِ ۽ اهو مون کان قبول فرماءِ

## وَاَعِنِّىْ عَلَيْهَا وَبَارِكْ لِىْ فِيْهَا

۽ مدد ڪر منهنجي ان کي اداڪرڻ ۾ ۽ منهنجي لاءِ ان ۾ برڪت ڪر

نَوَيْتُ الْعُمْرَةَ وَاَحْرَمْتُ بِهَا لِلّٰهِ تَعَالٰى

نيت ڪيم مون عمره جي ۽ ان جو احرام ٻڌو و الله جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ

حج ۽ عمره جي گڏيل نيت: اَللّٰهُمَّ اِنِّىْ اُرِيْدُ

اي الله! تحقيق مان ارادو ٿو ڪريان عمره ۽

الْحَجَّ وَالْعُمْرَةَ فَيَسِّرْهُمَا لِىْ وَتَقَبَّلْهُمَا

حج جو پوءِ اهي ٻئي مون لاءِ آسان ڪر ۽ ٻئي قبول ڪر

مِنِّىْ وَاَعِنِّىْ عَلَيْهِمَا وَبَارِكْ

مون کان ۽ انهن کي ادا ڪرڻ ۾ منهنجي مدد فرماءِ ۽ برڪت فرماءِ

لِىْ فِيْهِمَا نَوَيْتُ الْعُمْرَةَ وَالْحَجَّ وَاَحْرَمْتُ

انهن ۾ منهنجي لاءِ. نيت ڪيم عمره ۽ حج جي ۽ احرام ٻڌو مون

بِهِمَا لِلّٰهِ تَعَالٰى

انهن ٻنهي جو الله جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ.

لبيڪ کان پوءِ دعا: اَللّٰهُمَّ اِنِّىْ اَسْئَلُكَ

اي الله! تحقيق مان تو کان سوال ٿو ڪريان تنهنجي

رِضَاكَ وَالْجَنَّةَ وَاَعُوْذُبِكَ مِنْ غَضَبِكَ وَمِنَ النَّارِ

رضا ۽ بهشت جو ۽ مان توکان تنهنجي غضب ۽ باهه کان پناهه ٿو

اَللّٰهُمَّ اُحَرِّمُ لَكَ شَعْرِىْ

گهران . اي الله! مان حرام ٿو ڪريان تنهنجي رضا لاءِ پنهنجي وارن

وَبَشَرِىْ وَلَحْمِىْ وَدَمِىْ مِنَ النِّسَآءِ وَكُلِّ شَىْءٍ

۽ کل ۽ گوشت ۽ رت کي ۽ عورتن ۽ هر ان شئي مان جيڪا

حَرَّمْتَهٗ عَلَى الْمُحْرِمِ اَبْتَغِىْ

تو احرام واري تي حرام ڪئي آهي . طلب ٿو ڪيان مان

بِذٰلِكَ وَجْهَكَ الْكَرِيْمَ ط اَللّٰهُمَّ اجْعَلْنِىْ

ان سان تنهنجي ذات ڪريم جي رضا . اي الله مون داخل ڪر

مِنَ الَّذِيْنَ اسْتَجَابُوْا لَكَ وَلِرَسُوْلِكَ

انهن مان جن قبول ڪيو آهي تنهنجي ۽ تنهنجي رسول جي حڪم

وَاٰمَنُوْابِكَ وَوَثِقُوْا بِعَهْدِكَ

کي . ۽ ايمان آندائون توتي ۽ اعتبار ڪيائون تنهنجي وعدي تي .

وَاتَّبَعُوْآ اَمْرَكَ اَللّٰهُمَّ اجْعَلْنِىْ

۽ تنهنجي امر جا تابع ٿيا ۔ اي الله ! داخل ڪر مون کي پنهنجي

مِنْ وَّفْدِكَ الَّذِىْ رَضِيْتَ عَنْهُمْ وَارْتَضِيْتَ

ان وفد ۾ جنهن کان تون راضي آهين ۽ راضي رهين ۽

وَقَبِلْتَ ۔ اَللّٰهُمَّ يَسِّرْلِىْ

قبول فرمايو تو ۔ اي الله ! آسان ڪر مون لاءِ ان ڪم

اَدَاءَ مَا نَوَيْتُ وَتَقَبَّلْ

جي ادا ڪرڻ کي جنهن جي مون نيت ڪئي آهي ۽ قبول ڪر

مِنِّىْ يَاكَرِيْمُ ۔ رَبَّنَا اٰتِنَا

مون کان اي ڪريم ۔ اي اسان جا پالڻهار ! عطا فرماءِ اسان

فِى الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِى الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً

کي دنيا ۾ ڀلائي ۽ عطا ڪر اسان کي آخرت ۾ ڀلائي

وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ ۔

۽ بچاءِ اسان کي جهنم جي عذاب کان ۔

## مسئلو:

عورت لبيڪ يا ٻي ڪا به دعا آهستي پڙهي؛ ڇو ته عورت کي بلند آواز ڪرڻ منع آهي. جيڪڏهن رستي ۾ ڪا عجيب يا وڻندڙ شيءِ نظر اچي ته هي الفاظ چوي:

---

اَللّٰهُمَّ لَا عَيْشَ اِلَّا عَيْشُ الْاٰخِرَةِ ط

اي الله! صحيح حياتي صرف آخرت واري حياتي آهي.

## سمجهاڻي:

جڏهن حاجي صاحب حرم جي حدن ۾ داخل ٿئي ته ادب، نياز، نوڙت ۽ محبت سان داخل ٿئي ۽ گناهن کان توبه ڪري ۽ هي دُعا پڙهي:

---

اَللّٰهُمَّ اِنَّ هٰذَا حَرَمُكَ وَحَرَمُ رَسُوْلِكَ ط

اي الله! بيشڪ هي تنهنجو ۽ تنهنجي رسول جو حرم آهي.

فَحَرِّمْ لَحْمِيْ وَدَمِيْ وَعَظْمِيْ عَلَى النَّارِ

پوءِ منهنجي گوشت ۽ رت ۽ هڏن تي باهه کي حرام ڪر

اَللّٰهُمَّ اٰمِنِّيْ مِنْ عَذَابِكَ يَوْمَ

اي الله! امن عطا ڪر مون کي پنهنجي عذاب کان جنهن ڏينهن تون

تَبْعَثُ عِبَادَكَ وَاجْعَلْنِيْ مِنْ اَوْلِيَآءِكَ

اٿاريندين پنهنجن ٻانهن کي ۽ بناءِ مون کي پنهنجن دوستن

وَاَهْلِ طَاعَتِكَ وَتُبْ عَلَيَّ

۽ پنهنجي فرمانبردارن مان ۽ توبه قبول ڪر منهنجي

اِنَّكَ اَنْتَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ

بيشڪ تون توبه قبول ڪندڙ مهربان آهين.

**سمجهاڻي:** جڏهن مڪ شريف کي ويجهو اچي ۽ شهر مبارڪ تي نظر پوي ته هي دُعا پڙهي:

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ لِّيْ بِهَا قَرَارًا وَّارْزُقْنِيْ بِهَا

اي الله! مون کي هن شهر ۾ قرار ۽ رزق حلال عطا ڪر.

حَلَالًا اَللّٰهُمَّ الْبَلَدُ بَلَدُكَ وَالْبَيْتُ بَيْتُكَ

اي الله! شهر تنهنجو شهر آهي ۽ گهر تنهنجو گهر آهي

جِئۡتُ اَطۡلُبُ رَحۡمَتَكَ وَاَؤُمُّ

مان تنهنجي رحمت طلب ڪرڻ آيو آهيان ۽ ارادو ڪيو اٿم

طَاعَتَكَ مُتَّبِعًا لِّاَمۡرِكَ رَاضِيًا

تنهنجي تابعداريءَ جو، تنهنجي امر جي تابعداري ڪندڙ. تقدير تي

بِقَدَرِكَ مُسۡلِمًا لِّاَمۡرِكَ وَاَسۡئَلُكَ

راضي ٿيندڙ، تنهنجي امر کي مڃيندڙ ۽ تو کان سوال ٿو ڪريان

مَسۡئَلَةَ الۡمُضۡطَرِّ اِلَيۡكَ الۡمُشۡفِقِ مِنۡ

تو ڏانهن محتاج رهندڙ جو سوال. تنهنجي عذاب کان ڊڄندڙ جو

عَذَابِكَ اَنۡ تَسۡتَقۡبِلَنِىۡ بِعَفۡوِكَ وَاَنۡ

پنهنجي معافي منهنجي سامهون آڻين. منهنجي گناهن کان درگذر

تَجَاوَزَ عَنِّىۡ بِرَحۡمَتِكَ وَاَنۡ تُدۡخِلَنِىۡ جَنَّتَكَ ط

فرمائين پنهنجي رحمت سان ۽ داخل فرمائين تون مون کي پنهنجي جنت ۾

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِىۡٓ اَقۡدَمَنِيۡهَا

سڀ ساراهه ثابت آهي الله جي لاءِ جنهن مون کي هن شهر ۾ آندو

سَالِمًا مُّعَافًى اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ

سلامتي ۽ تندرستيءَ سان. سڀ ساراهه ثابت آهي الله لاءِ جيڪو

رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ حَمْدًا كَثِيْرًا عَلٰى تَيْسِيْرِهٖ

جهانن جو رب آهي، ان جي تمام گهڻي تعريف آهي آسان ڪرڻ ۽ سندس

وَعَلٰى حُسْنِ بَلَآئِهٖ اَللّٰهُمَّ اَنْتَ رَبِّيْ

سهڻي آزمائش جي سببان، اي الله! تون منهنجو رب آهين

وَاَنَا عَبْدُكَ وَالْبَلَدُ بَلَدُكَ وَالْحَرَمُ

۽ مان تنهنجو ٻانهو آهيان ۽ شهر تنهنجو شهر آهي ۽ حرم

حَرَمُكَ وَالْاَمْنُ اَمْنُكَ جِئْتُكَ

تنهنجو حرم آهي ۽ امن تنهنجو امن آهي. آئيس مان تو ڏانهن

هَارِبًا وَّعَنِ الذُّنُوْبِ مُقْلِعًا وَّلِفَضْلِكَ رَاجِعًا

ڀڄندڙ ۽ گناهن کان جان ڇڏائيندڙ ۽ تنهنجي فضل جو اميد رکندڙ ۽ تنهنجي

وَلِرَحْمَتِكَ طَالِبًا وَّلِرِضَاكَ مُتَّبِعًا

رحمت جو طلب ڪندڙ ۽ تنهنجي رضا جي تابعداري ڪندڙ

وَلِعَفْوِكَ سَائِلًا فَلَا تَرُدَّنِي خَائِبًا

۽ تنھنجي معافي جو سوال ڪندڙ، پوءِ مون کي نہ موٽاءِ نامراد ڪري

وَّادْخِلْنِي الْجَنَّةَ بِرَحْمَتِكَ الْوَاسِعَةِ

۽ مون کي بهشت ۾ داخل ڪر پنھنجي ڪشادہ رحمت سان

وَاعِذْنِي مِنَ الشَّيْطَانِ وَجُنْدِهٖ شَرِّ

۽ بچاءِ مون شيطان ۽ سندس لشڪر ۽ ان جي دوستن ۽ ٽولي

اَوْلِيَآئِهٖ وَحِزْبِهٖ -

جي شر کان.

وَصَلَّى اللهُ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى

اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ. اٰمِيْنَ يَارَبَّ الْعٰلَمِيْنَ

سمجهاڻي:- مڪي شريف ۾ مدعیٰ کان داخل ٿئي. مدعیٰ لفظ جي معنیٰ "دعا گھرڻ جي جاءِ" آهي. هي مڪه مڪرمه جي قبرستان جنة المعلاة ۽ مسجد الحرام جي وچ تي آهي. پهريان هن جاءِ کان بيت الله شريف نظر ايندو

هو، هاڻي اُگيان جايون تهڻ جي ڪري نظر نہ ايندو آهي.

## مدعي ام هي دعا پڙهي:

رَبَّنَا اٰتِنَا فِى الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِى الْاٰخِرَةِ

اي اسان جا رب اسان کي دنيا ۾ بہ ڀلائي ۽ آخرت ۾ بہ ڀلائي

حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ اَللّٰهُمَّ

